مدني مراڪز (فيضانِ مدينہ) ۾ شعبہ امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ
6 نومبر 2026ء (متوقع اسلامي تاريخ: 25 جمادي الاول 1448ھ) جمعة المبارڪ
جو

قرآني بيان
بنام

بني اسرائيل جي ڳئون (سيپارو: 1، سورهٔ بقرة: 67)

هن بيان ۾ توهان ڇاڻي سگهندؤ...

- ... شريعت تي بحث نہ ڪريو....!!
- ... چوڻ جون ڪجهہ برڪتون
- ... والدين جو فرمانبردار جنّت جو حقدار (واقعو)
- ...گناهہ ۾ ڪنهن جي بہ اطاعت ناهي

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة
Islamic Research Center
(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامي)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ط وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

درودِ پاڪ جي فضيلت

اربعينِ عطار، قسط: 2، صفحو: 10، حديثِ پاڪ نمبر: 10 آهي:

مَا مِنْ عَبْدٍ يُصَلِّيْ عَلَيَّ صَلَاةً اِلَّا عَرَجَ بِهَا مَلَكٌ حَتّٰى يَجِيْئَ بِهَا وَجْهَ الرَّحْمٰنِ عَزَّوَجَلَّ فَيَقُوْلُ اللّٰهُ عَزَّ وَجَلَّ: اِذْهَبُوْا بِهَا اِلٰى قَبْرِ عَبْدِيْ تَسْتَغْفِرُ لِقَائِلِهَا وَتَقَرُّ بِهَا عَيْنُهٗ

ترجمو: جڏهن ڪو ٻانهو مون تي درود شريف پڙهندو آهي ته هڪ فرشتو ان درود کي مٿي ڪڍي ويندو آهي ۽ الله پاڪ جي بارگاهه ۾ پهچائيندو آهي، ته الله پاڪ فرمائيندو آهي: هن درود کي منهنجي ٻانهي جي قبر ۾ ڪڍي وجو، اهو درود پنهنجي پڙهندڙ جي لاءِ استغفار ڪندو رهندو ۽ ان (خاص ٻانهي) جون اکيون ٺرنديون رهنديون، ان کي ڏسي ڪري. (1)

دَسْت بَسْتہ سب فرشتے پڑھتے ہیں اُن پر دُرود

کیوں نہ ہو پھر وِرد اپنا اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام (2)

1...مسند الفردوس، جلد:4، صفحہ:10، حدیث:6026۔

2...قبالۂ بخشش، صفحہ:164 ملتقطًا۔

قَالَ اللّٰهُ تَبَارَكَ وَ تَعَالٰى فِی الْقُرْاٰنِ الْكَرِیْم(الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو):

وَ اِذْ قَالَ مُوْسٰى لِقَوْمِهٖۤ اِنَّ اللّٰهَ یَاْمُرُكُمْ اَنْ تَذْبَحُوْا بَقَرَةً ؕ قَالُوْۤا اَتَتَّخِذُنَا هُزُوًا ؕ قَالَ اَعُوْذُ بِاللّٰهِ اَنْ اَكُوْنَ مِنَ الْجٰهِلِیْنَ ﴿۶۷﴾

(سيپارو: 1، البقرة: 67)

صَدَقَ اللّٰهُ الْعَظِیْم وَ صَدَقَ رَسُوْلُهُ النَّبِیُّ الْكَرِیْم صلّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم

ترجمو ڪنزُ العرفان: ياد ڪريو جڏهن موسيٰ پنهنجي قوم کي فرمايو: بيشڪ الله توهان کي حڪم ڏئي ٿو ته هڪ ڳئون ذبح ڪريو پوءِ انهن چيو ته ڇا توهان اسان سان مذاق ڪيو ٿا؟ موسيٰ فرمايو: مان الله جي پناه گهران ٿو جو مان جاهلن مان ٿيان.

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان سيپاري: 1، سُورَةُ البَقَرَه جي آيت 67 ڀڏڻ جي سعادت حاصل ڪئي آهي، هتان کان وٺي آيت نمبر: 74 تائين بني اسرائيل جي هڪ اَنوکي ڳئون جو عجيب ۽ غريب واقعو بيان ڪيو ويو آهي. هي اهو ئي واقعو آهي، جنهن جي نسبت سان هن سورتِ مبارڪ جو نالو سُورَةُ البَقَرَة (يعني ڳئون جي واقعي واري سورت) رکيو ويو آهي. هن واقعي ۾ اسان جي سکڻ ۽ نصيحت لاءِ گهڻو ڪجهه موجود آهي، اچو! ته پهريان واقعو ٻڌون ٿا، پوءِ ان مان ملندڙ سبق سکنداسين:

بني اسرائيل جي ڳئون جو واقعو

واقعو ڪجهه ائين ٿيو جو بني اسرائيل ۾ هڪ شخص تمام مالدار هو، ان جو پنهنجو ڪو اولاد نه هو، پائٽيا هئا ۽ اهي ئي ان جي دولت جا وارث هئا.

هڪ پائٽي وراثت جي لالچ ۾ پنهنجي چاچي کي قتل ڪري ڇڏيو ۽ لاش ٻئي پاڙي ۾ اڇلائي ڇڏيو. هاڻي اهو قاتل پاڻ هو ۽ مُدعي بہ پاڻ بڻجي ويو ۽ دعويٰ ڪيائين تہ منهنجو چاچو قتل ٿي چڪو آهي، تنهنڪري قاتل کي ڪُولي انصاف ڏياريو وڃي.

ماڻهو هڪ ٻئي تي الزام هٽڻ لڳا. هڪ چوڻ لڳو: مون نہ فلاڻي قتل ڪيو آهي، ٻيو چوڻ لڳو: مون نہ هن قتل ڪيو آهي. ائين هڪٻئي تي الزام لڳڻ شروع ٿي ويا، جڏهن ڪو حل نہ نڪتو تہ اهي ماڻهو الله پاڪ جي نبي حضرت موسىٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي خدمت ۾ حاضر ٿيا، سڄو واقعو عرض ڪيائون. حضرت موسىٰ عليہ السلام جن فرمايو:

اِنَّ اللّٰهَ یَاْمُرُكُمْ اَنْ تَذْبَحُوْا بَقَرَةً ؕ

ترجموڪنزُالعرفان: بيشڪ الله توهان کي حڪم ڏئي ٿو تہ هڪ ڳئون ذبح ڪريو. (سيپارو: 1، البقرة: 67)

وڏي حيرت جي ڳالهہ هئي، ڳولڻو قاتل آهي ۽ حڪم ڏنو پيو وڃي تہ ڳئون ذبح ڪريو...!! يلا قاتل جي ڳولا جو ڳئون سان ڪهڙو تعلق...؟ هي سوچي ڪري بني اسرائيل بي خوف ٿي چوڻ لڳا:

اَتَتَّخِذُنَا هُزُوًا ؕ

ترجمو ڪنزُ العرفان: ڇا توهان اسان سان مذاق ڪيو ٿا؟ (سيپارو: 1، البقرة: 67)

الله! الله....!! ڇا انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام سان هن لهجي ۾ ڳالهايو ويندو آهي...؟ پر بني اسرائيل جا ڪجهہ ماڻهو اهڙا ئي بي ادب هئا.

هتي حضرت موسىٰ عليہ السلام جو حلم، قوتِ برداشت ۽ نرمي ڏسو! بني اسرائيل جي اهڙي بيباڪي جي باوجود پاڻ نرمي سان فرمايو:

اَعُوْذُ بِاللّٰهِ اَنْ اَكُوْنَ مِنَ الْجٰهِلِيْنَ ﴿۶۷﴾

ترجموكنزُالعرفان: مان الله جي پناھ گھران ٿو جو مان جاھلن مان ٿيان.
(سيپارو: 1، البقرة: 67)

يعني مذاق مسخري ڪرڻ تہ جاھلن جو ڪم آھي، مان ڪو جاھل تہ ناھيان جو مذاق ڪندُس، مان تہ خُدائي حڪم پھچائي رھيو آھيان، ھن حڪم کي ٻڌو ۽ عمل ڪريو...!!

ھاڻي ھتي حڪم ھو تہ ڳئون ذبح ڪريو! بني اسرائيل کا بہ ڳئون ذبح ڪري ونڻ ھا، حڪم تي عمل ٿي وڃي ھا پر انھن چا ڪيو...؟ سوالات پڇڻ شروع ڪري ڏنائون! چوڻ لڳا:

اُدْعُ لَنَا رَبَّكَ يُبَيِّنْ لَّنَا مَا هِيَ ؕ

ترجمو كنزُ العرفان: انھن چيو تہ توھان پنھنجي رب کان دعا گھرو تہ اھو اسان کي ٻڌائي تہ اھا ڳئون ڪھڙي طرح جي آھي. (سيپارو: 1، البقرة:68)

يعني ڪھڙي قِسم جي ڳئون ذبح ڪرڻي آھي؟ هيءَ وضاحت ڪئي وڃي. ارشاد ٿيو:

اِنَّهَا بَقَرَةٌ لَّا فَارِضٌ وَّلَا بِكْرٌ ؕ عَوَانٌۢ بَيْنَ ذٰلِكَ ؕ

ترجمو كنزُ العرفان: اھا ھڪ اھڙي ڳئون آھي جيڪا نہ تہ پوڙھي آھي ۽ نہ بلڪل ڪُھڻ عمر بلڪ انھن بنھي جي وچواري ھجي. (سيپارو: 1، البقرة: 68)

بني اسرائيل وري پڇيو:

مَا لَوْنُهَا ؕ

ترجمو كنزُ العرفان: ان ڳئون جو رنگ كهڙو آهي. (سيپارو: 1، البقرة:68)

يعني الله پاڪ جي خدمت ۾ عرض كريو! ته ڳئون جو رنگ به ٻڌائي ڇڏي، اها كهڙي رنگ جي هجڻ گهرجي؟ حكم ٿيو:

اِنَّهَا بَقَرَةٌ صَفْرَآءُ ۙ فَاقِعٌ لَّوْنُهَا تَسُرُّ النّٰظِرِيْنَ ﴿۶۹﴾

ترجمو كنزُ العرفان: اها ڳكي رنگ جي ڳئون آهي جنهن جو رنگ گهٽو ڳهرو آهي، اها ڳئون ڏسڻ وارن كي خوشي ڏيندي آهي. (سيپارو: 1، البقرة: 69)

هتي رنگ جي حوالي سان به ڳالهيون ارشاد ٿيون: (1): گهري پيلي رنگ جي ڳئون هجي (2): اهڙي پياري رنگ جي هجي جو ڏسندڙن كي خوشي ڏئي. اهو ٻڌي بني اسرائيل ٿيون سوال پڇيو:

اُدْعُ لَنَا رَبَّكَ يُبَيِّنْ لَّنَا مَا هِيَ ۙ اِنَّ الْبَقَرَ تَشٰبَهَ عَلَيْنَا ؕ

ترجمو كنزُ العرفان: توهان پنهنجي رب كان دعا كريو ته اسان جي لاءِ واضح طور بيان كري ته اها ڳئون كهڙي طرح جي آهي؟ چو ته بيشك ڳئون اسان تي مشتبه ٿي وئي آهي. (سيپارو: 1، البقرة: 70)

يعني هي ته معلوم ٿيي ويو ته ڳئون كهڙي قِسم جي هوندي، هاڻي ان جون وڌيك وصفون به بيان كيون وڃن ته جيئن اسان ڇڪي طرح سجاڻي وڃون. هاڻي هن سوال سان گڏ بني اسرائيل هك ڇڪو كم كيو، چوڻ لڳا:

وَ اِنَّاۤ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ لَمُهْتَدُوْنَ(۷۰)

ترجموكنزُالعرفان: ۽ جيڪڏهن الله چاهيو تہ يقيناً اسان راهہ ماڻينداسين. (سيپارو: 1، البقرة:70)

يعني هن سوال سان ڪڏ انهن اِنْ شَآءَ الله چيو، تنهنڪري هن پيري ڳئون جون مڪمل وصفون واضح طور تي ٻڌايون ويون، ارشاد ٿيو:

اِنَّهَا بَقَرَةٌ لَّا ذَلُوْلٌ تُثِيْرُ الْاَرْضَ وَ لَا تَسْقِى الْحَرْثَ ۚ مُسَلَّمَةٌ لَّا شِيَةَ فِيْهَا ؕ

ترجمو كنزُ العرفان: اها هڪ اهڙي ڳئون آهي جنهن ڪان اها خدمت ناهي ورتي ويندي تہ اها زمين ۾ هر هلائي ۽ نہ اها فصل کي پاڻي ڏيئي ٿي بلڪل بي عيب آهي، ان ۾ ڪو داغ نہ آهي. (سيپارو: 1، البقرة:71)

هاڻي انهن جي تسلي ٿي وئي، چوڻ لڳا:

اَلْـٰٔنَ جِئْتَ بِالْحَقِّ ؕ

ترجمو كنزُ العرفان: هاڻي اوهان بلڪل درست ڳالهہ آندي آهي. (سيپارو: 1، البقرة:71)

ڳئون جو قِسم، ان جو رنگ ۽ تمام وصفون وغيره تفصيل سان معلوم ٿي ويا، جيئن تہ بني اسرائيل اهڙي ڳئون جي ڳولا ۾ نڪري پيا. (1)

هتي تہ هي واقعو ٿيو، ٻئي طرف هن طرح ٿيو جو هڪ شخص هو، ان وٽ هڪ گابي (يعني ننڍي عمر جي ڳئون) هئي، ۽ هڪ پٽ بہ هو. هن چا ڪيو جو گابيءَ کي وڻي جنگل ۾ هليو ويو، ان کي اتي ئي ڇڏيائين ۽ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ عرض ڪيائين: اي الله پاڪ! مان هن گابيءَ کي تنهنجي

1...تفسير طبرى، پاره:1، سورۂ بقرة، زيرِ آيت:67، جلد:1، صفحه:379و 380، رقم:1175 مفصلًا۔

امانت ۾ ڏيان ٿو، جڏهن منهنجو پٽ وڏو ٿئي تہ اها گابي ان کي عطا ڪئي وجي.

ان کان بعد ان نيڪ شخص جو انتقال ٿي ويو، جڏهن ان جو پٽ جوان ٿيو تہ ماءُ ٻڌايو تہ پٽ! تنهنجو پيءُ امانت طور هڪ گابي جنگل ۾ ڇڏي آيو هو، وڃ! ان کي ڳولي اچو! اهو نوجوان جنگل ۾ پهتو، اللہ ڪريم جي بارگاهہ ۾ عرض ڪيائين: اي مالِڪِ ڪريم! منهنجو والد هڪ گابي تنهنجي امانت ۾ ڇڏي ويو هو، سا مون کي عطا ڪئي وجي. جيئن تہ اها گابي جيڪا هاٿي وڏي ٿي مڪمل ڳٿون ٻڌجي چڪي هئي، اها ان کي ساڻئي جنگل مان ملي وئي. اهو ان کي گهر ڪاهي آيو، والده چيو: پٽ...!! هن کي بازار ۾ وڪرو ڪري اچو! قيمت 3 سِڪا رکجو ۽ سودو طئي ڪرڻ کان پوءِ وڪڻڻ کان اڳ مون کان پُڇجو. نوجوان وڏو نيڪ هو، امڙ جو فرمانبردار هو، بازار ويو، ٻولي لڳائي، هڪ شخص ڳٿون خريد ڪرڻ آيو، پڇيائين: ڪيتري جي آهي؟ چيائين: 3 سِڪن جي. خريدار چوڻ لڳو: مان توکي 6 سِڪا ڏينڊُس پر پنهنجي ماءُ کان پڇڻ بغير هاٿي ئي وڪڻي ڇڏ. نوجوان چوڻ لڳو: ائين نہ ٿو ٿي سگهي، مان پنهنجي امڙ کان پڇي سودو پڪو ڪندُس. اهو ڇئي گهر ويو، ماءُ کان پڇيائين، حڪم ٿيو: نيڪ آهي، 6 سِڪا قيمت لڳايو پر سودو پڪو ڪرڻ کان اڳ وري ٻہ پڇجو. نوجوان وري بازار ويو، هاٿي قيمت 6 سِڪا لڳايائين. اهو ئي گراهڪ ٻيهر آيو، چيائين: مان توکي 12 سِڪا ڏينڊس پر شرط اهو آهي تہ ماءُ کان پڇڻ بغير ئي وڪڻي ڇڏ. نوجوان هاٿي ٻہ انڪار ڪري ڇڏيو، چيائين: امڙ کان پڇڻ بغير سودو پڪو نہ ڪندس. پوءِ امڙ وٽ پهتو، امڙ وڏي نيڪ ۽ عقل مند هئي، معاملو سمجهي وئي، چيائين: پٽ...!!

اهو خريدار کو انسان ناهي بلڪ مون کي لڳي ٿو تہ انساني شڪل ۾ فرشتو آهي. هاڻي ان سان ملو تہ چئجانءِ: ڇا توهان مون کي ڪٿون وڪڻڻ جي اجازت ڏيو ٿا؟ چوڪري ائين ئي ڪيو. هاڻي خريدار چيو: مان واقعي فرشتو آهيان، تون اجا ڪٿون نہ وڪڻ!... عنقريب بني اسرائيل کي هن ڪٿون جي ضرورت پوندي، تڏهن وڪڻجانءِ ۽ هن ڪٿون جي ڪل پري سون قيمت رکجو. چوڪري اها ڳالهہ مڃي ورتي.

هيڏانهن بني اسرائيل ڪٿون جي ڳولا ۾ هئا، ڳولينديِ ڳولينديِ انهي ڪٿونءَ واري وٽ پهتا، ان قيمت رکي تہ هن ڪٿون جي ڪل پري سون ونڊُس. انهن کي تہ ضرورت هئي، جيئن تہ گهريل قيمت ڏنائون،[1] ڪٿون خريد ڪئي، ان کي ذبح ڪيو، هاڻي حڪم ٿيو:

اِضْرِبُوْهُ بِبَعْضِهَا ؕ

ترجموڪنزُالعرفان: ان مقتول کي ان ڪٿون جو هڪ ٽڪڑو هڻو، (سيپارو: 1، البقرة: 73)

يعني هن ڪٿون جي گوشت جو هڪ حصو ان لاش سان مِلايو! پوءِ جيئن ئي ڪٿون جي گوشت جي ٻوٽي لاش کي لڳائي وئي، مُردو اٿي وينو، هاڻي ان پنهنجي قاتل جو نالو ٻڌايو، وري موت جي ننڊ سمهي پيو.[2] الله پاڪ فرمايو:

كَذٰلِكَ يُحْيِ اللّٰهُ الْمَوْتٰى ۙ وَ يُرِيْكُمْ اٰيٰتِهٖ لَعَلَّكُمْ تَعْقِلُوْنَ ﴿۷۳﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: اهڙي طرح الله مردن کي زندھ ڪندو. ۽ اهو توهان کي

1...تفسير بغوی، پاره:1، سورۂ بقرة، زيرِ آيت:67، جلد:1، صفحه:61و 62 خلاصةً۔

2... تفسير طبری، پاره:1، سورۂ بقرة، زيرِ آيت:73، جلد:1، صفحه:403، رقم:1312۔

پنهنجون نشانيون ڏيکاري ٿو ته جيئن توهان سمجهي وجو. (سپارو: 1، البقرة: 73)

سُبْحٰنَ الله! الله پاڪ جي ڪهڙي نه قدرت آهي، هو ربّ ڪريم چاهي ها ته ڪٿون جي بغير به مُردي کي زندهه فرمائي سگهيو پئي پر بني اسرائيل اهي هئا جن سامري جي بٽايل گابي جي پوڄا ڪئي هئي، تنهنڪري انهن جي هٿن سان ڪٿون ذبح ڪرائي وئي. وري هي به ممڪن هو ته زندهه ڪٿون جو ڪجهه حصو لڳائڻ سان مئل جيئرو ٿي وجي ها پر ربّ قادر و قدير ڪٿونءَ کي ذبح ڪرايو ۽ اهو ڏيکاريو ته جيڪو ربُّ مُئل ڪٿون جي گوشت ۾ اهڙو اثر پيدا فرمائي سگهي ٿو، ان ربّ جي قدرتن جو شان چا هوندو...!! پلا قيامت جي ڏينهن مئلَ زندهه ڪرڻ، ان کي ڪيئن مشڪل ٿي سگهي ٿو....؟

آفلاک و اَرض سب تیرے فرماں پذیر (فرمانبردار) ہیں
حاکم ہے تُو جہاں کے نشیب و فراز کا
ہے پاک رُتبہ فکر سے اُس بے نیاز کا
کچھ دخل عقل کا ہے، نہ کام اِمتیاز کا[1]

مبارڪ آيتن مان سکڻ جون ڳالهيون

پياري اسلامي ڀائرو! هن ايمان افروز قرآنِ واقعي ۾ اسان لاءِ سکڻ لاءِ تمام گهڻو ڪجهه موجود آهي:

---

[1]...ذوق نعت، صفحه:17 بتقدم و تاخر۔

(1) گھٽي سوال ڪرڻ کان بچو!

پھرين ڳالھ اھا سکڻ لاءِ ملي تہ ديني معاملن ۾ اجايو سوالن کان بچڻ گھرجي. ڏسو! بني اسرائيل کي حڪم ٿيو ھو تہ ڳئون ذبح ڪريو! اھي کا بہ ڳئون ذبح ڪن ھا، ڪم ٻڌجي وڃي ھا پر انھن حڪم نہ مڃيو، اجايا سوال ڪندا ويا، ڳئون ڪھڙي قِسم جي ھجي؟ ان جو رنگ ڪھڙو ھجي؟ ان جون وصفون ڪھڙيون ھجن؟ اھي جيئن جيئن سوالَ ڪندا ويا، قيدَ لڳندا ويا ۽ انھن کي ڳئون ڳولڻ ۾ مشڪل ٿي ويو. ان ڪري اسان کي گھرجي تہ ديني معاملات ۾ اجايو سوالن کان بچندا ڪريون. **حديثِ پاڪ ۾ آھي**، محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اِنَّ اللّٰهَ كَرِهَ لَكُمْ ثَلَاثًا الله پاڪ توھان لاءِ ٽن ڳالھين کي ناپسند فرمائي ٿو: (1): قِيْلٌ وَ قَالٌ يعني بي مقصد بحث مباحثو ڪندو رھڻ (2): وَكَثْرَةُ السُّوَالِ اجايو سوال ڪندو رھڻ (3): وَ اِضَاعَةُ الْمَالِ ۽ مال ضايع ڪرڻ. [1]

انھن 3 ڳالھين کي الله پاڪ ناپسند فرمائي ٿو. تنھنڪري اجايا سوالَ بلڪل نہ ڪريو! جيڪو حڪم ملي ويو، بس ان تي عمل ڪريو! اڇڪلھ اسان وٽ اھو ماحول ٻڌجي رھيو آھي، ماڻھو اجايا سوالَ ڪندا رھندا آھن:

❖ نمازون 5 ئي چو فرض آھن، 6 چو ناھن؟ رمضان جا ئي روزا چو فرض ڪيا ويا؟ زڪوات اِدائي (2.5) سيڪڙو ئي چو رکي وئي؟ وياج کي حرام چو ڪيو ويو؟ ھڪ شخص مدني چينل تي امير اھلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه کان پڇيو: جنت ۾ ھميشہ جي زندگي ئي چو آھي؟ ھاڻي اھي پڇڻ وارا

---

[1]...مسند امام احمد، مسند الكوفيين، جلد:7، صفحہ:425، حديث:18637۔

سوالَ تہ ناهن. ها! اسلامي احڪامن جي حڪمت معلوم ڪرڻ، ان ذريعي پنهنجو ايمان پڪو ڪرڻ اها سڀني ڳالهه آهي، ان ۾ ڪو حرج ناهي پر ماڻهو اعتراض وارو انداز اختيار ڪندا آهن. ڪجهه نادان تہ معاذَ الله! الله ۽ رسول کي مشورا بہ ڏئي رهيا هوندا آهن، مثال طور: هي حڪم ائين نہ پر ائين هجڻ گهرجي ها، نمازون 5 نہ پر 4 هجن ها تہ سڀ هو، هڪ مهيني جي ڳڻيل روزن جي بدران هر مهيني 4 روزا فرض ڪيا وڃن ها تہ آسان ٿئي ها. الامان والحفيظ...!! هي سخت جرئت آهي. اهڙين ڳالهين تي ڪڏهن ڪڏهن ڪفر جو حڪم بہ لڳندو آهي. تنهنڪري انهن ڳالهين ۾ پوڻ جي بلڪل ضرورت ناهي. بس جيڪو حڪم مليو، سو ڪريو. اهڙا فضول ۽ اجايا سوال هرگز نہ ڪريو.

شريعت تي بحث نہ ڪريو...!!

هڪ سبق آموز ۽ تمام اهم حديثِ پاڪ ٻڌو! پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اِنَّ اللّٰهَ فَرَضَ فَرَائِضَ فَلَا تُضَيِّعُوْهَا بيشڪ الله پاڪ فرائض فرض فرمايا آهن، انهن کي ضايع نہ ڪريو! وَحَرَّمَ حُرُمَاتٍ فَلَا تَنْتَهِكُوهَا ۽ ڪجهه شين کي حرام ڪيو آهي، انهن ۾ نہ پئو...!! وَحَدَّ حُدُوْدًا فَلَا تَعْتَدُوْهَا الله پاڪ حدون مقرر فرمايون آهن، توهان انهن کان اڳتي نہ وڌو! وَسَكَتَ عَنْ اَشْيَاءَ مِنْ غَيْرِ نِسْيَانٍ يعني الله پاڪ (ويسرکان پاڪ آهي، هن) وساريو

ناهي، پر صرف ڪجھ ڳالهين کان سکوت فرمايو آهي، فَلَاتَبۡحَثُوۡا عَنۡهَا بس اهڙين ڳالهين بابت بحث نہ ڪريو....!! (1)

الله پاڪ اسان کي شريعت جا احڪام مِن وعَن (جيئن چيا وڃن تيئن) مڃڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

(2): پنهنجو مال متاع الله پاڪ جي سپرد ڪري ڇڏيو!

پيارا اسلامي ڀائرو! هن ايمان افروز قرآني واقعي کان ٻيو سبق اهو مليو تہ اسان کي پنهنجو مال و متاع، پنهنجو سپ ڪجھ الله پاڪ جي حوالي ڪرڻ گهرجي. ڏسو! بني اسرائيل جي نيڪ شخص پنهنجي ڳئون الله پاڪ جي حوالي ڪئي، ربّ ڪريم ان جي حفاظت فرمائي، ان کي جنگلي جانورن کان بچايو، ان جي سڻي پرورش ڪئي ۽ اها وڏي ٿي نيڪ شخص جي پٽ کي ملي وئي.

سُبْحٰنَ الله! معلوم ٿيو: جيڪا شيءِ الله پاڪ جي حوالي ڪئي وڃي، اها ضايع ٿيڻ کان بچي ويندي آهي. تنهنڪري پنهنجو معمول بڻايو ❖ روزانو رات جو سمهڻ کان اڳ آيتُ الكرسي پڙهو، پنهنجو گهر ٻار، ساز و سامان، ٻار ٻچا ايتري قدر جو پنهنجو پاڻ کي ۽ الله پاڪ جي حوالي ڪري سمهو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! حفاظت ٿيندي. ❖ اسان بازار ۾، مارڪيٽ وغيره ۾ ويندا آهيون، گاڏي پارڪ ڪرڻي پوندي آهي، ان کي لاڪ لڳايون، حفاظت

[1]...سنن دار قطنی،کتاب الرضاع، جلد:2، جز:4، صفحہ:91، حدیث:4350۔

جا پورا وسيلا اختيار ڪريون، ڪڏوڪڏ 10 ڀيرا يَا جَلِيْلُ پڙهي دم ڪري ڇڏيون. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ساز و سامان، گاڏي وغيره چوري ٿيڻ کان محفوظ رهندي. (1) سفر وغيره تي نڪرون يا صبح جو ڪم ڪار جي لاءِ وڃون تہ گهر بار ۽ اهل اولاد کي الله جي حوالي ڪري وڃون. ❖ جڏهن بہ ڪنهن کان جدا ٿيون، اَلْوِدَاع چئون، ان وقت جي دعا هي آهي: اَسْتَوْدِعُكَ اللّٰهَ الَّذِیْ لَاتَضِيْعُ وَدَائِعُهٗ (مان توکي الله جي سپرد ڪريان ٿو، جنهن وٽ رکيل امانتون ضايع ناهن ٿيندیون).(2) هي دعائون اسان کي ياد هجڻ گهرجن، هونئن بہ اڇڪلهہ حالات عجيب آهن، ٻارن جي اغوا جا واقعا، قتل جا واقعا، ننڍين ٻارڙين سان تشدد جا واقعا ٿيندا رهندا آهن، الله پاڪ اسان کي، اسان جي ٻچن ٻارن ۽ اولاد کي محفوظ رکي، گهر کان نڪرندي وقت، ٻارن کي اسڪول وغيره موڪلڻ وقت هي دعا پڙهندا ڪريون، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! حفاظت ٿيندي.

اي شخص! هي تنهنجي امانت آهي

مسلمانن جي ٻئي خليفي حضرت عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه جي دور جو واقعو آهي، پاڻ پيءُ پٽ کي ڏٺائون، ٻئي پاڻ ۾ تمام گهٽا هم شڪل هئا، حضرت فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جن فرمايو: ايترا هم شڪل پيءُ پٽ مون اڄ تائين نہ ڏٺا. ان شخص عرض ڪيو: سائين! مان اوهان کي ان کان بہ عجيب ڳالهہ نہ ٻُڌايان...!! منهنجي گهرواري اُميد سان هئي، ان وقت مون کي سفر

1...چڑيا اور اندها سانپ، صفحہ:29۔

2...ابن ماجہ، کتاب الجهاد، باب تشييع الغزاة و وداعهم، صفحہ:458، حديث:2824۔

تي وڃڻو پيو، (پهرين دور ۾ سفرَ پيادل ٿيندا هئا، ڪٽي پري وڃڻو هوندو هو ته ڪيترائي مهينا بلڪ سالَ ٻه لڳي ويندا هئا، جيئن ته) چئي ٿو: مان پنهنجي اڇڻ واري مهمان کي الله پاڪ جي حوالي ڪري سفر تي روانو ٿي ويس. ڪيترن ئي مهينن کان پوءِ جڏهن خوشي خوشي گهر پهتس ته چا ٿو ڏسان، گهر کي تالو لڳل آهي! پاڙي وارن کان پڇيم ته خبر پئي ته منهنجي گهرواري ٻار جي پيدائش کان اڳ ئي دنيا مان هلي وئي، ان جو جنازو پڙهي دفن ڪيو ويو هو. چئي ٿو: مونکي تمام گهڻو ڏک ٿيو، قبر تي پهتس، فاتحہ وغيره پڙهي، شام جو دل وندرائڻ لاءِ دوستن سان وينو هئس ته پري کان پنهنجي گهرواري جي قبر واري جاءِ تان شعلا اٿندي ڏسڻ ۾ آيا. مان تمام گهڻو حيران ٿيس، قبر جي ويجهو پهتس، ڏٺم ته اهي شعلا نہ پر نور آهي جيڪو قبر جي اندر کان نڪري رهيو آهي، جڏهن ويجهو ويس ته ڏٺم: قبر کُلي پئي آهي ۽ منهنجو پٽ قبر جي اندر ڪيڏي رهيو آهي! غيب مان آواز آيو: اي ٻانها...!! پنهنجي امانت واپس ڪٽي وڃ، جيڪڏهن گهرواري کي ٻه اسان جي حوالي ڪري وڃين ها ته ان کي ٻه ماڻي وڃين ها. [1]

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي ربّ رحمٰن ۽ رحيم جو شان ئي نرالو آهي...!! خير! اسان کي ٻه گهرجي ته جڏهن ٻه ڪٽي وڃون، پنهنجو سڀ ڪجهہ الله پاڪ جي سپرد ڪري وڃڻندا ڪيون. اِنْ شَآءَ الله الْكَرِيْم! برڪتون ملنديون.

1...نوادر الاصول، الاصل الحادی والثلاثون فی حقیقة الاستیداع و سره، جلد:1، صفحه:120۔

(3) اِنْ شَآءَ الله چوندا ڪريو!

پيارا اسلامي پائرو! ڳئون واري واقعي مان ٽيون سبق اهو مليو تہ اسان کي هر ايندڙ ڪم تي اِنْ شَآءَ الله چوڻ گهرجي. ڏسو! بني اسرائيل ڳئون جي متعلق سوال تي سوال پڇي رهيا هئا، جڏهن انهن چيو:

وَ اِنَّاۤ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ لَمُهْتَدُوْنَ ﴿۷۰﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ جيڪڏهن الله چاهيو تہ يقيناً اسان راهہ ماڻيندا سين. (سپارو: 1، البقرة:70)

ان وقت مقصد پورو ٿي ويو ۽ انهن کي ڳئون بابت تمام تفصيل ٻڌايا ويا. حديثِ پاڪ ۾ آهي: جيڪڏهن بني اسرائيل اِنْ شَآءَ الله نہ چون ها تہ ڪڏهن بہ اها ڳئون نہ لهن ها. (1)

اِنْ شَآءَ الله چوڻ جو قرآني حڪم

اسان کي بہ گهرجي تہ اِنْ شَآءَ الله چوڻ جي عادت اپنايون. سيپارو 15، سورت ڪهف، آيت 23 ۽ 24 ۾ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

وَ لَا تَقُوْلَنَّ لِشَایْءٍ اِنِّیْ فَاعِلٌ ذٰلِكَ غَدًا ﴿۲۳﴾ اِلَّاۤ اَنْ یَّشَآءَ اللّٰهُ

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ ڪڏهن بہ ڪنهن شيءِ جي باري ۾ نہ چئجان تہ مان سياڻي هي ڪرڻ وارو آهيان. پر هي جو الله چاهي. (سپارو: 15، الكهف: 23_24)

اِنْ شَآءَ الله جي معنيٰ آهي: جيڪڏهن الله پاڪ چاهيو. اسان جڏهن بہ ڪو ارادو ڪريون، مثال طور ❖ مان 5 منٽن کان پوءِ هي ڪم ڪندس ❖ 10

[1]...تفسير درمنثور، پاره:1، سورۂ بقرة، زير آيت:68، جلد:1، صفحه:189۔

منٽن کان بعد ڪندُس ❖ شام جو ڪندس ❖ سياڻي ڪندس ❖ سال کان بعد ڪندُس ❖ بن سالن کان بعد ڪندُس، ان ارادي سان گڏ اسان اِنْ شَآءَ الله لازمي چوندا ڪريون ۽ جيڪڏهن مثال طور اِنْ شَآءَ الله چوڻ وسري وڃي تہ ڇا ڪرڻو آهي؟ الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَاذْكُرْ رَّبَّكَ اِذَا نَسِيْتَ

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ جڏهن تون وساري ويهين تہ پنهنجي رب کي ياد ڪر. (سپارو: 15، الكهف: 23_24)

يعني جيڪڏهن اِنْ شَآءَ الله چوڻ وسري وڃي تہ جڏهن ياد اچي انهيءَ وقت چئي وٺجي. حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُمَا فرمائن ٿا: جيڪڏهن سال کان پوءِ بہ ياد اچي تہ هڪ سال اڳ مون فلاڻو ارادو ڪيو هو، ان تي اِنْ شَآءَ الله نہ چيو هو تہ سال کان پوءِ ئي چئي وٺي. [1] مطلب تہ جڏهن بہ ياد اچي تہ انهيءَ وقت اِنْ شَآءَ الله چئي وٺجي.

اِنْ شَآءَ الله چوڻ جون ڪجھ برڪتون

پيارا اسلامي پائرو! اسان کي بہ گهرجي تہ هن سُنّتِ مصطفيٰ تي عمل ڪريون ۽ اِنْ شَآءَ الله چوڻ جي عادت بڻايون. اِنْ شَآءَ الله چوڻ جون بيشمار برڪتون آهن ❖ اِنْ شَآءَ الله چوڻ ۾ عقيدي جي اصلاح آهي ❖ اِنْ شَآءَ الله چوڻ ۾ عمل جي اصلاح آهي ❖ اِنْ شَآءَ الله چوڻ وارو هن ڳالهہ جو اقرار ڪري ٿو تہ مان ٻانهو آهيان، ۽ ٻانهو پنهنجي مالڪ جي مرضيءَ جو تابع هوندو آهي ❖ اِنْ شَآءَ الله

[1]...تفسير خازن، پاره:15، سورۂ كهف، زيرِ آيت:24، جلد:3، صفحه:161 خلاصۃً۔

چوڻ وارو ان ڳالهه جو اعتراف ڪري ٿو ته مان ڪجهه ناهيان، منهنجي مرضي ڪجهه ناهي، جيڪو ڪجهه آهي سو صرف منهنجو مالڪ آهي، منهنجي پياري الله پاڪ جي مرضيءَ کان سواءِ وڻ جو پَنُ به ڇُري نٿو سگهي ❖ اِنْ شَآءَ الله چوڻ وارو توحيد جي تقاضن تي عمل ڪري ٿو ❖ اِنْ شَآءَ الله چوڻ ۾ خودپسنديءَ جو خاتمو آهي ❖ اِنْ شَآءَ الله چوڻ ۾ غرور ۽ تڪبر جو خاتمو آهي ❖ اِنْ شَآءَ الله چوڻ وارو پنهنجي مرضي الله پاڪ جي مرضيءَ حوالي ڪري ڇڏيندو آهي، ۽ جيڪو ٻانهو پنهنجي مرضي فنا ڪري پاڻ کي الله پاڪ جي رضا جي سپرد ڪري ڇڏي، ڪاميابي ان ٻانهي جا قدم چُمندي آهي.

ڪڏهن اِنْ شَآءَ الله نه چيووڃي...!

مشهور مفسّرِ قرآن، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هر اُميد تي اِنْ شَآءَ الله چوڻ ضروري آهي، نه ته اها اُميد پوري نه ٿيندي. اِنْ شَآءَ الله چوڻ ۾ عقيدي ۽ عمل جي اصلاح آهي، هن مان معلوم ٿئي ٿو ته اِنْ شَآءَ الله چوڻ وارو پنهنجي طاقت تي پروسو نٿو ڪري، بلڪ رَبّ جي مدد تي پروسو ڪري ٿو.

ها! خيال رهي! صرف جائز ۽ چڱين ڳالهين تي ئي اِنْ شَآءَ الله چوڻ گهرجي، حرام شين، بَلائن ۽ آفتن تي اِنْ شَآءَ الله نه چيو ويندو. مثال طور: ❖ هي چئو: اِنْ شَآءَ الله مان نماز پڙهندس، هي نه چئو ته اِنْ شَآءَ الله مان چوري ڪندس ❖ هن طرح چئو: اِنْ شَآءَ الله بيمار کي آرام ملي ويندو. هي نه چئو: اِنْ شَآءَ الله بيماري پکڙجي ڇو ته بيماري بلا ۽ آفت آهي. جيڪڏهن اهڙو ڪو جملو چوڻو ئي

پوي، تہ اتي لفظ انديشو استعمال ڪرڻ گهرجي، مثال طور ائين چيو وجي: مون کي انديشو آهي تہ وبا پکڙجي ويندي، مون کي انديشو آهي تہ طوفان ايندو وغيره. اهڙين جاءِ تي اِنْ شَآءَ الله چوڻ بلڪل درست ناهي. [1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]...تفسير نعيمى، پاره:1، سورهٔ بقره، زيرِ آيت:70، جلد:1، صفحه:467، خلاصةً۔

(4) والدين جو حڪم مڃيو!

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪٿون واري واقعي مان چوٿون ۽ نهايت ئي اهم سبق اهو مليو تہ ماءُ پيءُ جو چيو (حڪم) مڃڻ جون بيشمار برڪتون آهن. ڏسو! اهو نوجوان جنهن جي اها ڪٿون هئي، ڪيس ماءُ تاڪيد ڪئي هئي تہ: پُٽ! سودو پڪو ڪرڻ کان اڳ مون کان ضرور پڇي وڃجانءِ. هاڻي ڪيس بازار ۾ ٻيڻي قيمت جي آڇ ڪئي وئي تہ ٽن سڪن جي جاءِ تي ڇهہ سڪا ونڻي ڇڏ، پر ماءُ کان پڇڻ بنا ئي ڪٿون وڪڻي ڏي...!! پر ان فرمانبردار نوجوان دنيا جي دولت کي ٺڏي ڇڏيو ۽ پنهنجي ماءُ جي حڪم تي عمل ڪيو. ان فرمانبرداريءَ جو ڪيس کهڙو صِلو (بدلو) مليو...؟ اها ئي ڪٿون، جنهن جي قيمت رڳو 3 سڪا هئي، ايتري تہ مهانگي وڪامي جو ان ڪٿون جي ڪلَ ۾ سون پري ڪيس ڏنو ويو! شايد اها دنيا جي سڀ کان قيمتي ڪٿون هئي، ۽ ان جي ايڏي وڏي قيمت ڇو لڳي...؟ صرف ماءُ جو حڪم مڃڻ جي برڪت سان! خبر پئي تہ ماءُ پيءُ جي فرمانبرداريءَ ۾ دنيا جو بہ ڀلو آهي ۽ آخرت جو بہ ڀلو آهي.

والدين جو فرمانبردار جنّت جو حقدار

ياد رکو! والدين جي نافرماني، يعني سندن جائز حڪم نہ مڃڻ، گناهِ ڪبيره آهي. رحمتِ دوعالم، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: جنهن شخص اهڙي حالت ۾ صبح ڪئي جو هو پنهنجي ماءُ پيءُ جو فرمانبردار آهي، تہ ان لاءِ جنّت جا بہ دروازا کُلي ويندا آهن، ۽ جيڪڏهن ماءُ پيءُ مان ڪو هڪ ئي هجي تہ هڪ دروازو کُلندو آهي. ۽ جنهن اهڙي حالت ۾ شام ڪئي جو هو والدين جي حقن ۾ اللّٰه پاڪ جي

نافرماني ڪري ٿو، ته ان لاءِ جهنّم جا ٻه دروازا کُلي ويندا آهن، ۽ جيڪڏهن (ماءُ پيءُ مان) هڪ ئي هجي ته هڪ دروازو کُلندو آهي. هڪ شخص عرض ڪيو: توڙي جو ماءُ پيءُ ان تي ظلم ڪن؟ فرمايائون: توڙي جو اهي ظلم ڪن، توڙي جو اهي ظلم ڪن، توڙي جو اهي ظلم ڪن.[1]

دل دُکھانا چھوڑ دیں ماں باپ کا | ورنہ اس میں ہے خسارہ آپ کا

ماءُ پيءُ جي نافرماني نہ ڪريو!

❖ حديثِ شريف ۾ آهي: ماءُ پيءُ جي نافرماني نہ ڪريو! جيڪڏهن اهي اوهان کي حڪم ڪن ته پنهنجو سڄو مال اسان جي حوالي ڪري ڇڏيو! ته هي ٻه ڪري ڇڏيو...!![2] ❖ هڪ بي حديثِ پاڪ ۾ فرمايائون: توهان پنهنجي ماءُ پيءُ سان نيڪي ڪريو! اوهان جو اولاد اوهان سان نيڪي ڪندو.[3]

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪجهه ماڻهو ماءُ پيءُ جي ڇڻي ۽ حڪم کي اهميت ناهن ڏيندا، جڏهن پڙهي لکي ويندا آهن ته انهن جو ذهن اهڙو نهي ويندو آهي ته اسان وڌيڪ پڙهيل لکيل آهيون، ماءُ پيءُ کي ڀلا ڪهڙي خبر، زمانو مَٽجي ويو آهي، رسمون ۽ رواج بدلجي ويا آهن، ماءُ پيءُ ته پراڻي زماني جون ڳالهيون ٿا ڪن، الله پاڪ جي پناهه! اهڙو خيال ڪڏهن ٻه دل ۾ نہ آڻيو! ماءُ پيءُ ته اهي آهن جن اسان کي آڱر پڪڙي هلڻ سيکاريو هو ڇا اڄ اسان انهن کان وڌيڪ عقل وارا ٿي ويا آهيون؟ نہ...!! هرگز نہ! تنهنڪري ماءُ پيءُ جيڪڏهن جائز حڪم ڏئي رهيا آهن ته لازمي مجيندا ڪريو!

---

[1]...شعب الايمان، باب فی بر الوالدين، جلد:6، صفحه:206، حديث:7916۔

[2]...مصنف عبدالرزاق، كتاب الصدقة، باب ما ينال الرجل...الخ، جلد:9، صفحه:62، حديث:16937 خلاصةً۔

[3]...معجم اوسط، من اسمه احمد، جلد:1، صفحه:285، حديث:1002۔

والدين جي رضا ۾ ئي الله پاڪ جي رضا آهي

بني اسرائيل جو هڪ شخص هو، جنهن کي الله پاڪ انتهائي سُريلي ۽ پياري آواز سان نوازيو هو. هو جڏهن توريت شريف جي تلاوت ڪندو هو تہ ماڻهو وجد ۾ اچي جهومڻ لڳندا هئا، پر منجهس هڪ وڏو عيب هو، اهو شراب پيئندو هو. ان کي ماءُ نصيحت ڪندي هئي تہ پُٽ! شراب پيئڻ وڏو گناهہ آهي، نہ پيئندو ڪر...!! پر هو الله پاڪ جو تہ نافرمان هو ئي هو، پر پنهنجي ماءُ جي بہ نافرماني ڪندو رهندو هو. هڪ ڀيري هڪ عظيم محفل سجائي وئي، جتي ماڻهو پري پري کان ان جي تلاوت ٻڌڻ لاءِ آيا. هن نهايت دلڪش انداز ۾ توريت شريف جي تلاوت ڪئي ۽ ماڻهن تي وجد ۽ سرور جي ڪيفيت طاري ٿي وئي. اتان فارغ ٿي جڏهن هو گهر پهتو تہ شراب پيئڻ ويهي رهيو. ماءُ ان کي سمجهائڻ لاءِ آئي ۽ چيائين: پُٽ! هيءَ بچڑي شيءِ نہ پيءُ، وڏو گناهہ ٿيندو آهي. هاڻي هو نشي ۾ ڌُت هو، تنهنڪري غصي ۾ اچي ماءُ جي منهن تي چماٽ وهائي ڪڍيائين! ويچاري ماءُ ڏڪ لڳڻ سان وڃي ڪري، اکين ۾ ڪا تکي شيءِ لڳڻ سبب انهن جي بنهي اکين جو نور هليو ويو. هاڻي ان کي سخت ڏڪ ٿيو، هو گهر ڇڏي جهنگلن ۽ بيابانن ڏانهن نڪري ويو. ڪافي عرصو الله پاڪ جي عبادت ڪندو رهيو، شراب نوشي بہ ترڪ ڪري ڇڏيائين، پنهنجن سيني گناهن کان بہ توبہ ڪيائين ۽ ماءُ جي نافرمانيءَ کان بہ معافي ورتائين. هو هڪ وڏي عرصي تائين لڳاتار رياضت ۽ عبادت ڪندو رهيو... ڪندو رهيو... نيٺ هڪ ڀيري غيب مان آواز آيو: اي بانها...!! جيستائين تون پنهنجي ماءُ کي راضي نٿو ڪري ونين، تيستائين تنهنجي عبادت قبول ناهي. هاڻي هو واپس گهر آيو ۽ ماءُ اڳيان ٻاڏائي معافي گهريائين، پر ماءُ ان کي معاف نہ ڪيو. هن جذبات ۾ اچي

پنهنجو اهو هٿ ئي ڪٽي ڇڏيو جنهن سان ماءُ کي چمات هنئي هئائين، تنهن هوندي بہ ماءُ ان کي معاف نہ ڪيو. پوءِ هن ڪانيون گڏ ڪيون، انهن جي وچ ۾ ويهي رهيو ۽ چيائين: امڙ! جيڪڏهن تو مون کي معاف نہ ڪيو تہ مان پاڻ کي باهہ ڏئي ساڙي ڇڏيندس! هاڻي ماءُ جي دل ۾ مَمتا جو رحم جاڳي پيو. ماءُ جيئن ئي چيو: پُٹ! مون توکي معاف ڪيو، تيئن ئي هڪ مَلائڪ انساني روپ ۾ ظاهر ٿيو، ان جو ڪپيل هٿ موٽائي ڳنڍي ڇڏيائين ۽ ماءُ جي اکين تي هٿ ڦيري انهن جي اکين جي روشني واپس بحال ڪري ڇڏيائين. (1)

سُبْحٰنَ اللہ! پيارا اسلامي ڀائرو! ماءُ پيءُ جو چيو مڃڻ ۾ ئي ڀلائي، سندن خدمت ڪرڻ ۾ ئي سعادت ۽ بنهي جهانن جي سربلندي آهي، جڏهن تہ سندن نافرماني ڪرڻ، حڪم نہ مڃڻ ۽ بي ادبي ڪرڻ ۾ خواري ۽ ذلت ئي ذلت آهي. تنهنڪري سدائين ماءُ پيءُ جا فرمانبردار رهو ۽ سندن خدمت ڪندا رهو، اِنْ شَآءَاللہُ الْکَرِیْم! دين ۽ دنيا جون سموريون ڀلايون نصيب ٿيندیون.

گناهہ ۾ ڪنهن جي اطاعت ناهي

هتي هڪ ڳالهہ جي وضاحت ڪري ڇڏيان: جيڪڏهن والدين ڪنهن ناجائز ڪم جو حڪم ڏين، مثال طور: ❖ فرض نماز کان روڪين ❖ فرض روزي کان منع ڪن ❖ يا ڏاڙهي ڪوڙائڻ جو حڪم ڏين، تہ اهڙن ڪمن ۾ سندن ڳالهہ (حڪم) هرگز نٿو مڃي سگهجي. حديثِ پاڪ ۾ آهي: لَاطَاعَةَ فِیْ مَعْصِیَةِ اللہِ يعني اللہ پاڪ جي نافرمانيءَ ۾ ڪنهن جي بہ اطاعت ناهي. (2)

1...عجائب بنی اسرئیل، صفحہ:66،خلاصۃً۔

2...مسلم، کتاب الامارۃ، باب وجوب طاعۃ الامراء في غیر معصیۃ...الخ، صفحہ:738، حدیث:1840۔

پر اڇڪلهه اسان وٽ ڇا ٿيندو آهي، الله نه ڪري ماڻُ پيءُ جيڪڏهن ڪنهن نيڪي واري ڪم کان جهليندا آهن ته ماٺهو انهن سان وڙهڻ ۽ جهيڙو ڪرڻ لڳندا آهن، گهر ۾ هنگامو مچائي ڇڏيندا آهن، ماڻُ پيءُ جون غيبتون ڪندا آهن ۽ مٽن مائٽن اڳيان انهن جي گلا ۽ برائيون بيان ڪندا آهن. هي سراسر غلط رويو ۽ گناهن سان ڀريل طريقو آهي. الله پاڪ قرآنِ پاڪ ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

فَلَا تُطِعْهُمَا وَصَاحِبْهُمَا فِي الدُّنْيَا مَعْرُوْفًا

ترجموڪنزُالعرفان: ته انهن جو چوڻ نه مڃ ۽ دنيا ۾ چڱي طرح انهن جو ساٿ ڏي. (سپارو: 21، لقمان: 15)

يعني جيڪڏهن ماڻُ پيءُ گناهه جو حڪم ڏين ته انهن جي ڳالهه نه مڃو، پر ان صورت ۾ به انهن سان پلائي سان ئي پيش اچڻو آهي ❖ انهن سان جهيڙو ناهي ڪرڻو ❖ ويڑهه ناهي ڪرڻي ❖ انهن کي تنگ ناهي ڪرڻو ❖ انهن کان ناراض ناهي ٿيڻو ❖ انهن سان ڳالهه ٻولهه بند ناهي ڪرڻي ❖ انهن سان نيڪيءَ سان پيش اچڻو آهي ❖ سندن ادب ۽ احترام ئي ڪرڻو آهي. حضرت مجاهد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: والدين جيڪڏهن مارين به، تڏهن به سندن هٿ جهلڻ يا روڪڻ جي اجازت ناهي ۽ جيڪو شخص ماڻُ پيءُ ڏانهن تيز يا ڪاوڙ واري نظر سان ڏسي، اهو انهن سان نيڪ سلوڪ ڪرڻ وارو ناهي. (1)

الله پاڪ اسان کي پنهنجي والدين جي فرمانبرداري جي توفيق نصيب

1... برّالوالدين لابن جوزی،کیفیہ العقوق ،صفحہ:153۔

فرمائي. اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ماهوار "فيضانِ مدينہ" ايپليڪيشن جو تعارف

اي عاشقانِ رسول! دعوتِ اسلامي جي آءِ ٽي ڊپارٽمينٽ پاران ماهوار فيضانِ مدينہ (Mahanama Faizan e Madina) موبائل ايپلي ڪيشن لانچ (متعارف) ڪئي وئي آهي. ❖ هن ايپليڪيشن ۾ ماهوار فيضانِ مدينہ جي سمورن پوئين شمارن جون سافٽ فائلون PDF جي صورت ۾ ۽ سمورن رسالن جا آرٽيڪل لکت (Text) جي صورت ۾ موجود آهن، جن کي ڪاپي ڪري شيئر ۽ ڪري سگهجي ٿو. ❖ ڪنهن خاص موضوع يا عنوان بابت سرچ ڪرڻو هجي تہ سرچ آپشن (Search Option) ذريعي سيني شمارن مان گهربل مواد آسانيءَ سان ڳولي سگهجي ٿو ❖ مضمون موضوعن جي اعتبار سان ترتيب ڏنا ويا آهن. پنهنجي اسمارٽ فون ۾ هيءَ ايپلي ڪيشن اڄ ئي ڊائون لوڊ (*Download*) ڪري ونو! پاڻ ۽ فائدو ونو ۽ ٻين کي ۽ ان جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

بيان کي پڃاڻيءَ ڏانهن آڻيندي هڪ شرعي مسئلو پيش ڪريان ٿو:

درست ڇاآهي؟

(درست شرعي مسئلو يا عوام ۾ لڌي ويندڙ غلط فهميءَ جي نشاندهي)

مسئلو: مقتديءَ کان پُلجي ڪو واجب رهجي وڃي، تہ مٿس سجدهءِ سهو واجب ناهي ٿيندو.

وضاحت: مثال طور اسان امام صاحب جي پٹيان نماز پڑهي رهيا آهيون، پهرين تشهد (قعدي) ۾ ويناسين، اسان التَّحِيَّات شريف عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ تائين پڑهي ورتي، پر امام صاحب اجا پڑهي رهيا آهن، ڪڏهن ڪڏهن اهڙي موقعي تي مقتديءَ ويسر ۾ درودِ پاڪ پڑهي ونندو آهي. هاڻي ماڻهو الجهن ۾ هوندا آهن ته ڇا مون تي سجدهءِ سهو واجب ٿي ويو؟ يا نه؟ جواب ٻڌي ونو! جيڪو ماڻهو امام جي پٹيان نماز پڑهي رهيو هوندو آهي، ان کان جيڪڏهن ويسر ۾ ڪو واجب رهجي به وڃي، تڏهن به مٿس سجدهءِ سهو واجب ناهي ٿيندو. باجماعت نماز ۾ سجدهءِ سهو صرف تڏهن واجب ٿيندو آهي جڏهن خود امام کان ڪو واجب رهجي ويندو.[1] الله پاڪ اسان سيني کي درست اسلامي احڪام سکڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

گم ٿيل انسان ملي ويندو (وظيفو)

يَاجَامِعُ، يَامُعِيْدُ (اي جمع ڪندڙ! اي ٻيهر پيدا ڪندڙ!)

ٻار يا وڏو ماڻهو گم ٿي وڃي ته گهر جا سمورا ياتي بيشمار ڀيرا يَاجَامِعُ، يَامُعِيْدُ جو وِرد ڪن. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! الله پاڪ چاهيو ته گم ٿيل شخص ملي ويندو.[2] الله پاڪ اسان کي عملن جي توفيق نصيب فرمائي.

1... وقار الفتاوى، جلد:2، صفحه:210، بتغير قليل۔

2... چڑيا اور اندها سانپ، صفحه:31۔

اٰمِیْنْ بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم